# پھاڪن جي پاڙ

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ

# ڦاڪن جي پاڙ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# پهاڪن جي پاڙ


مصنف:

**عبدالڪريم سنديلو**

بي. اي. (آنرس): ايم. اي. و. پ. ا. س. ڪلاس I

پروفيسر، گورنمينٽ ڪاليج، لاڙڪاڻو.



**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄامشورو، سنڌ**

ٽئين ڇاپي جو پهريون ايڊيشن ١٤٠٩هه/١٩٨٩ع تعداد ١٠٠٠
ٽئين ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن ١٤١٧هه/١٩٩٧ع تعداد ٢٠٠٠

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: پنجونجاهه روپيا
**[Price: Rs.55-00]**

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بُڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر ٦١٥١٧٩

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# اکرن جي وچور


| | صفحه |
| --- | --- |
| ● هي اکر | الف ـ ل |
| (الف) | ۱ |
| (ب) | ۲۰ |
| (ٻ) | ۲۳ |
| (ڀ) | ۲۹ |
| (ت) | ۳۴ |
| (ٿ) | ۳۷ |
| (ٽ) | ۳۸ |
| (پ) | ۴۰ |
| (ج) | ۵۱ |
| (ڄ) | ٦۱ |
| (ڃ) | ٦۳ |
| (چ) | ٦۸ |
| (ح) | ۷۰ |
| (خ) | ۷۴ |
| (د) | ۷۵ |
| (ڌ) | ۸۴ |
| (ڏ) | ۸۵ |
| (ر) | ۸۹ |
| (س) | ۹۴ |
| (ع) | ۱۰۱ |
| (ڪ) | ۱۰۸ |
| (گ) | ۱۱۲ |
| (ڳ) | ۱۱٦ |
| (گهه) | ۱۱۷ |
| (ل) | ۱۱۸ |
| (م) | ۱۲۰ |
| (ن) | ۱۲۵ |
| (و) | ۱۳۰ |
| (ھ) | ۱۳٦ |
| (ي) | ۱۴۰ |
| ● رايا | ۱۴۲ |

# ٻنهي ياد

پياري ڌيئڙي، "ناوڙي"،
تنهنجي ميٺڙي ناليءَ لان، پيا پيش
ڪريندا هان. تنهنجي پهريان ساهه
۸-اپريل ۱۹۴۸ع تي ڇاتا،
آئون پڇلا ساهه ۱۴-
فيبروري ۱۹۶۲ع تي!
تنهنجي ميٺڙي ياد،
تنهنجي آداس ساهه
پيٺو ڪئون، جهور
ڪهتيا هي،
تئون ڪڏان ٻي، آسا ڌي
غمگين دل آئون، نه لهيسين.

— سنديلا

## ناشر طرفان

ڪتاب "ڀماڪن جي ڀاڙ" پاڻ مصنف سال ١٩٦٦ع ۾ شايع ڪيو هو. ١٩٨٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪانئن اجازت وني، ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڇڏرو ڪيو.

ڪتاب جي اهميت ۽ گهرج کي آڏو رکندي، اُن جي هن نئين ڇاپي جو اجراءُ ڪيو ٿو وڃي.

سنڌي ادبي بورڊ توڙي ٻين ادب دوست ناشرن طرفان سنڌي ٻوليءَ جي ساخت، حرف ونحو ۽ ادبيات تي ڪافي تحقيقي ڪم ٿيل آهي. بورڊ طرفان ان سلسلي ۾ "گل شڪر"، "وئنڀتي ڪوش"، "آفتاب ادب"، "تحقيق‌لغات سنڌي"، "لغات سنڌي مخففات"، "سنڌي ويا ڪرڻ" (مڪمل)، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو"، "جامع سنڌي لغات (پنج جلد)"، "پروليون، ڏِنون، معمائون ۽ ٻول" ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. انهن ڪارائتن ڪتابن ۾ "ڀماڪن جي ڀاڙ" جو اضافو، اميد ته پڙهندڙن کي پسند ايندو.

محمد ابراهيم جويو
چيئرمين
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

ڄام شورو،
١٤- جنوري ١٩٩٧ع

آخر راجا کي ڦاسي آئي، پر ”شيِ سميہ“ سبب ٻيا ٻہ ڪيترا سرڪي جا شائق، اتي ڦاسيءَ تي چڙهندا ويا! جڏهن گروءَ ڏٺو تہ گهٽائي پاپي ناس ٿي ويا آهن، تڏهن چيائين تہ ”هيئنر اهو شُڀ سمہ، سمايت ٿي ويو آهي، تنهنڪري وڌيڪ ٻيو ڪو بہ ڦاسيءَ تي نہ چڙهي.“

پوءِ گروءَ، چيلي کي چيو تہ: ”هن وقت ئي هتان ڪُوچ ڪرڻ گهرجي. هاٿي تو ڏٺو تہ هت کهڙو نہ انڌير لڳو پيو آهي!“

## ١٨ — آڏائي بہ ويئي، ڏاڏائي بہ ويئي، وري ڪپهہ جي ڪپهہ:

ڪئي ڪمائي چٽ.

ڪنهن پوڙهي آفيميءَ کي رستي تي پيشاب ڪندي، ننڊ جي پينڪي اچي ويئي. ڪو شاهينگ، آتان اچي، لانگهائو ٿيو، جو ڪپهہ پچائي، گهر ٿي ويو. هن، آفيميءَ کي پنڪيءَ ۾ ڏسي، سندس پنڪو لاهي، ڪپهہ جو هڪڙووڏو ٻڙو مٿانس رکيو، هليو ويو. جڏهن اک کليس، تڏهن مٿي تي هٿ هٿي، ٻڙو ڏسي، ائين چيائين.

## ١٩ — اونڌيون پاڌيون، پاسيرا ڏويا:

جڏهن ڪو تور يا ماپ ۾ گهوٻي هٿندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ، ڪنهن واپاريءَ کان، سستي اگهہ تي اَن اڌارو ورتو، ۽ کيس چيائين تہ: ”منهنجو اَن لهي تہ تو کي اوترو ڏيندس“.

جڏهن اَن ڏيڻ جو وقت آيو، تڏهن اَن جو اگهہ چوٽ چڙهيل هو، تنهنڪري هن کي دل ۾ گدڙ جاڳيو! پر مقرر

ڪيل نموني تي، آن ڏيڻ لاءِ بدل هو. چا ڪيائين جو آن ڏيڻ مهل او نڌيون پاڻيون ۽ پاسيرا ٿو يا ڪري آن سٺڻ لڳو. اهو حال ڏسي، جنس واري وڃي قاضيءَ کي دانهن ڏني، جنهن گهرائي پڇيس. هن چيو ته، ”سائين، ڏيڻ جو نمونو برابر اهو مقرر ٿيل آهي، پر اهو ٻولايل ڪونه هو ته آن، ڪهڙيءَ طرح سٺي ڏبو؟ تنهنڪري اهو مون تي ڇڏيل آهي ته ڪهڙي به نموني سٺي ڏيان؟“

پيون چوڻيون:

١- چترپت راجا، نڪا ساهمي نڪو وٽ،
ڏئي به پڪ، وٺي به ٺڪ.

٢- او نڌيون پاڻيون، پاسيرا ٿو يا،
ته به وکري(١) ساڃا، ماڻهو ٿوهيا(٢).

## ٢٠- اهو ڪم ڪجي، جو لعل به ليئي ۽ پريت به رهجي اچي:

هڪڙي شهر ۾، بادشاهه جي پٽ، وزير جي پٽ، قاضيءَ جي پٽ ۽ ڪوٽوال جي پٽ جي پاڻ ۾ پريت هوندي هئي، ۽ چئني کي عام طرح ”چار يار“ ڪري سڏيندا هئا. هڪ دفعي چارئي يار سفر ۾ نڪتا. ڪين رستي تي هڪ گهاٽي جهنگ ۾ رات پئجي ويئي. پاڻ ۾ ٺهرائي ڪيائون ته، ”هڪڙو هڪڙو جٺو، واري تي پهرو ڏئي.“

پهريون پهر، بادشاه جو پٽ، پهرو ڏيڻ لڳو، ۽ پيا سمهي پيا، اچا گهڙي ڪن مس گذري ته سندس نگاهه، هڪڙي

---

(١) وکري = وکر وکڻ وارا، واپاري ساڃا = خوش، آسودا.
(٢) ٿوهيا = سکڻا، خالي، سڃا، غريب.

ٻيرين پيادو ڪوبہ ڪونہ وڃي. جنهن کي درگاهہ شريف جي زيارت جو شوق ٿئي، سو ريل تي چڙهي، آتي نذرانو ڏيئي اچي.

هينئر جيئن تہ هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آهي، تنهنڪري اهڙو ڪوبہ تنيو ڪونہ آهي، جو ٻيرين پيادو گهيٽو ڏيئي اچي، تنين جي اهڙي حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو.

ڪي ٻوڙ پلاء، چاشني، سيرو وغيره مليو. ھن ويچاري ٻه سيري جي گهڙ ڪئي، ليڪن ڪو نه مليس. جڏهن گهر ويو، تڏهن گهر واريءَ سان اها ڳالهه ڪيائين، جنهن هڪدم سيرو تيار ڪري ڪاراڻس ۽ مٿيون پهاڪو ڏنو.

مطلب - پرائي ٻوڙ پلاءَ کان، پنهنجي رُکي سُڪي ٻه ڀلي. پرائو سيرو گهڙي کائڻ، سو آهي پنهنجو شرم وڃائڻ، تنهن کان گهر جو رڌل ساڳ صدبار بهتر آهي.

ڀلي اُسڪ ڀرم جيي، شال نه وڃي شان.

جاين تي ٻني سائي لڳي پيئي آهي. ٻني سائي جي سائي، ڳاهي ٻڪٽي جو ٻڪيو".

مطلب - جڏهن ڪڻهن جي چوري ٿئي، تڏهن ان کي دم دلاسي ڏيڻ لاءِ، ائين چون. جيئن ڳاهي سچو هوندو آهي ۽ ٻني سائي. اهڙي نموني چوري ڪندڙ کي به "روهين رلا مٽي ڪتلا" هوندا.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو، ”گور“ ڏور ڪي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو ته هرگز وڃي نه سگهندو.

هڪ ماڻهو جا ڏور، ٻيلي ۾ چرڻ ويا. سڀ ڏور، شام جو، پنهنجي وٿاڻ (ڏاڻ-ڏاڻو) تي وريا، باقي هڪ ننڍڙي وڇ نه موٽي. مالڪ کي ڏاڍو خيال ٿيو. رات جو ڳولهين به ڳولهين ڪٿي! آخر ٻوئين رات آسر جو ڀاڻهي، پنهنجي ڏاڻي تي آئي. تنهن تي گهر جي مالڪ ائين چيو.

مطلب. جيڪڏهن ڪو ٻچڙي ڪم ڪان ٻاز اچي ته، چئبو ته هن گويا اهو ڪم ڪيوئي ڪونه.

## ١٤- ڀنگان جيهان چيز ڀڏن، لنبي رووي ڪنڪ ڪون.

هر ڪنهن کي پنهنجي دل واري شيءِ وڻي.

ڪنڪ ۽ ڀنگ جي پوک، هڪ ٻئي جي پرسان ٿيل هئي، وچان صرف وڏو ٻنو ٻڌل هو. اوچتو مينهن اهڙو وسيو، جو ٻنهي فصل، پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. ڪنڪ جي پوک ڪندڙ هاريءَ جي زال، اهو زيان ڏسي، روئڻ لڳي. موالي به آتان لانگهائو ٿيو، جنهن مائيءَ کي روئندو ڏسي، ائين چيو.

## (ٿ)

### ٤٤- ٿانءَ ڪٽي هڪڙو ۽ ٻڪر ٻڇي گهٽن تي:

ڏوهه هڪڙو ڪري ۽ ان جي عوض لوڙهين گهڻا.

چون ٿا تہ سسئيءَ جي مزار تي آيل هر مسافر کي ٻہ مانيون ۽ ونو کير جو ملندو هو. هڪڙي دفعي ڪو آيل مسافر، کير کائڻ بعد، ونو پاڻ سان کنيو ويو. انهيءَ کان پوءِ ماني تہ بدستور ايندي رهندي هئي، مگر کير، ونيءَ جي بدران لڪر جي جهني ۾ ملڻ لڳو!

انهيءَ تان ڪنهن سالڪ چيو آهي:

"ٿانءَ ڪٽي هڪڙو ۽ ٻڪر ٻڇي گهٽن تي."

---

پنجن روپين ۾ ورتو هو، جو توکي ڏيان ٿو": لوڀيءَ دل ۾ چيو تہ، "مون بہ گھڻن کي ٺڳيو، پر هن تہ مون کي بہ ٺڳي ورتو. جڏهن ماڻهن ۾ اها ڳالهہ عام ٿي، تڏهن ڪنهن اڌين چيو.

مطلب. جيڪو گھڻو لوڀ ڪندو، سو ضرور نقصان پائيندو.

## (پ)

### ٤٦- پارسي، گھوڙي چاڙھسي:

سنڌ ۾ عربن، عربي علم جو رواج وڌو. ٺٽو، نصرپور ۽ چوٽياريون (ضلع سانگھڙ) عربي علم جو مرڪز ھئا. ٺٽو، ته سومرن کان وٺي، عربي ۽ پارسيءَ جو خاص مرڪز ھو. جڏھن سنڌ ۾، مغلن جو دور آيو، تڏھن ٺٽو، حيدرآباد، نصرپور، ھالا، قنبر، ٻکر، شڪارپور وغيره تعليمي گھر ھئا. دفتر جي زبان پارسي، ته خلجي ۽ ارغونن کان وٺي ھلندي آئي. حڪومت به ڪن مدرسن کي گرانٽون ڏيندي ھئي، خاص ڪري ميان يار محمد ڪلھوڙي جي وقت ۾. ٺٽو، جو ايراني مسافرن جو گھر ھو، تنھن پارسيءَ کي خوب زور وٺايو ۽ ايتري قدر، جو حڪومت ۾ وڏا عھدا به پارسي دانن کي ملڻ لڳا. ميرن جي وقت ۾ به، دفتري ٻولي پارسي ھئي، جنھنڪري ھرھنڌ پارسي علم ادب جو چرچو وڌي ويو.

ڪنھن گھوٽائي جو ڇوڪرو پارسيءَ جي تحصيل ڪري، جلد ئي ممتاز عھدي تي فائز ٿيو. پيا گھوٽاٺا، ھن کي خوشحال ۽ سکيو ستابو ڏسي، چوڻ لڳا:

”پارسي، گھوڙي چاڙھسي.“

مطلب ته علم واري جو مانُ آھي.

پر جيڪڏھن پڙھئي ڪانپوءِ به، ڪنھن کي نوڪري نه ملي، ته چئبو ته ڪرمن ۾ ڪا ڪاڻ اٿس، جو سندس بخت نه پڙايو. تنھن تي ڪنھن چيو آھي:

”پڙھي پارسي، وڪڻي ڪتڙ تيلُ
ڏسو، ھيءَ قسمت جو کيلُ.“

تنهنجي پٽ کي لتاڙيو هوندو." پوءِ ان عورت کي سزا ملي.

سنکيءَ جي پٽ، جڏهن پيءُ جو اهو فيصلو ٻڌو ڏٺو، تڏهن دنگ رهجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته: پنچن ۾، برابر پرميشر آهي.

مطلب. پنچن ۾ گويا ڏٺي پاڻ آهي. جيڪي چون، سو مڃڻ گهرجي.

---

وٽ ڏيو ته هئي ڪانه، سو يڪدم سؤ گهوڙن سان پنهنجي پٽ **چوڻي** ڪي ماڻس گڏ چاڙهي روانو ڪيائين، جو هن سوالي ڪي حفاظت سان سنڌ جي سرحد تائين آماڻي آيو ۽ موڪلائڻ وقت اهي سؤ گهوڙا ڪيس سونپيائين."

اسان جي خيال موجب اهو اشارو جمن چارڻ ڏانهن ئي آهي.

## (ڇ)

## ٦٦- ڄائو پُٽ لُٺي سِڪَ، ڦرڙيو پُٽ پيئي پِڪَ؛

ڪنهن سيڪايل کي، سالن کان پوءِ الله نوازيو. وڏا شادمانا ڪيائين. پهلا جو پوڙهيءَ ۾ ڪٿ پيدا ٿيس، پوءِ خوشي جو نه ڪندو! ڇوڪرو، اڄ ننڍو سڀان وڏو، اچي جوان ۽ شادي لائق ٿيو. پيءُ وڏي دل ڪري، ڪنهن بنيادي گهر مان شادي ڪرايس. ڪجهه وقت ته صلح سانت ۾ گذريو، پر پوءِ آهستي آهستي سس ۽ نُنهن جي وچ ۾ ترشي وڌندي ويئي. آخر حالت اچي اتي بيٺي، جو گهر ۾ سڄو ڏينهن گهڙبي ۽ کيلکيل لڳي پيئي هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن پيءُ، پُٽ کي چيو ته، "ابا، زال تي ضابطو رک" پُٽ ورائيو ته، "بابا، اوهان زورآور آهيو، هوءَ ويچاري ڪمزور! اما، هر گهڙيءَ پيئي لوڻيس ۽ وڙهيس، ته به ويچاري ڪجهه ني ڪني، اوهين پاڻ پنهنجي زال تي ضابطو رکو!"

جڏهن پيءُ اهي لفظ ٻڌا، تڏهن چيائين ته:

"ڄائو پُٽ اٺي سِڪَ، ڦرڙيو پُٽ پيئي پِڪَ!"

## ٦٧- ڄڻيءَ سُٽ پُسايو، واڻئي وِڌس وَٽي؛

## ڄڻيءَ ليکي واڻيو مُٺو، واڻئي ليکي ڄڻي؛

اڳي دستور هوندو هو ته اٽ تي سُٽ ڪتي، زالون دڪانن تي وڃي وڪڻنديون هيون.

ڳالهه ٿا ڪن ته ڪنهن ڄڻيءَ (اڻ پڙهيل زال)، سُٽ ڪتي، پاڻيءَ ۾ پسائي رکيو. جڏهن ٿورو سُڪو، تڏهن واڻئي

جي دڪانن تي ڪٽي ويئي. واڻيئي هڪدم سهي ڪري ورتو، تنهنڪري مقرر وزن بدران، گهٽ وزن وارو وٽ، تارازيءَ جي ٻيئي پڙ ۾ وڌائين. جٽ ويچاري خوش ٿي ته واڻئي کي ٺڳيو اٿم. جڏهن پيسا وٺي گهر موٽيو، تڏهن ڪنهن عاقل سان اها ڳالهه ڪيائين ته مان واڻئي کي، هن نموني ٺڳي آئي آهيان. واڻئي جي حرفت کان هو ٻخوبي واقف هو، تنهنڪري چيائين ته:

جٽيءَ سٽ پٽسايو، واڻئي ورتم وٺيي،
جٽيءَ ليکي واڻو مٺو، واڻئي ليکي، جٽي،
مٺي سائي جٽي.

(چ)

## ٧٥- چَتي ڪوريءَ واري ڏيگهه:

ڳالهه ڪرڻ وقت، اجائي، اينگهه ڪرڻ، بيجا ڳالهائڻ اجائي ٻڪ ڪرڻ.

چتو، رامڻ ڪوريءَ جو شاگرد هو. چون ٿا ته ساهتي پرڳڻي جو ويٺل هو. جڏهن پنهنجي استاد رامڻ ڪوريءَ وٽ اٺاوت جو ڪم سکندو هو، تڏهن به ڳالهائڻ وقت، اجائي ڊيگهه ڪندو هو. هڪ دفعي رامڻ پٽڪو لاهي، پاسي ۾ رکي لڳو آهي. سندس چڙهڪڻ وارو هٿو پٽ، پٽڪي پرسان رکيو هو. اتفاقاً هڪڙي چڻنگ وڃي، پٽڪي تي پيئي. چتو، اهو حال ڏسي، وسائڻ جي بجاءِ، رامڻ جو ڌيان، اينگهه ڪري، هن طرح ڇڪائڻ لڳو.

جَناب حضرت، استادَ رامڻَ جي،
هٿي پاسان، هڪڙي چڻنگ آئي،
وڃي دستار مبارڪ تي پئي آهي!

جيسين چتي، اهي لفظ چئي پورا ڪيا، تيسين رامڻ جي پٽڪي جو گهڻو حصو سڙي ويو.

جڏهن ڪم سيکي ويو، تڏهن جوڙيون ڪڍي، وڪڻڻ ويندو هو. پيسا ڪمائي پنج پنج جوڙيون ڪمائي اچي، پر هيءَ ڳالهه، هڪ جوڙي به مس ڪمائي، ۽ چاڪان ته ڊيگهه ڪرڻ، سندس عادت ٿي ويئي هئي. جوڙيءَ وڪڻندي، ولي پنهنجي اٺل ڪوڙي جي تعريف ڪندو هو: "هيءَ جوڙي مضبوط آهي، سندس ليکيري پڪي

آهي ڏاڍو پڪو اٿس، ڳهاڻي اٽيل آهي، تمام گهڻو چوڙ ڏيندي، ڏاڍي سستي آهي، ٻر ٻه وڏو اٿس ۽ ڪار ۾ سگهو نه ڳرندس وغيره!"

پيلا، جيڪڏهن هر هڪ گراهڪ سان، ايڏي ڍيگهه ۽ ٻڪ شڪ ڪبي ته ڪم جو جلدي اڪلاءُ، ڪيئن ٿيندو!

---

ڪيڏانهن ويو. بادشاهه کي اڄ ڏاڍو ستايو ۽ جنهن ڪري تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويو. اتي وزير جي پڳ ڏٺائين، يقين ٿيس ته ڪوٽوال کي شينهن کائي ويو آهي ۽ وزير، پڳ ٻاهر رکي، پاڻي پيئڻ ويو آهي ته ڪيس ڪو مانگر مڇ کڻي ويو آهي. مٿس اهڙي ته هيبت طاري ٿي، جو پاڻي پيئڻ کانسواءِ ئي موٽي آيو. هيٺر غلام جو وارو هو، پر بادشاهه، هن کي آڻڻ، مناسب نه سمجهيو، ڇاڪاڻ ته سمجهائين ته ويچاري، سڄو ڏينهن ڇا ڪو ڙ ڪئي آهي. بادشاهه قلعي جي ديوار سان ٽيڪ ڏيئي، ويچار ڪرڻ لڳو ته ايتري ۾ ڪُڪُڙن جا دَمَ شروع ٿي ويا. ان وقت حنود ڪاسائي، هميشه جي دستور موجب، پنهنجي گهران نڪتو. سندس گهر ۽ دڪان گڏو گڏ هئان هئا، جنهن ڪري ڪڏ تي نالو ئي پئجي ويو: حنود ڪاسائيءَ واري ڪڏ. هن جي عادت هوندي هئي ته سويل صبح جو اٿي، ڪنهن ماڻهوءَ کي هٿ ڪري، ڪيس ڪهي، گوشت وڪڻندو هو، جنهن ڪري ملڪ ۾ حنود ڪاسائيءَ جو وڏو ڌهڪار هو. حنود کي ڪو هٿ ۾ نه لائيندو هو، ڇاڪاڻ ته وڏو پهلوان هو. تنهن کان سواءِ وٽس تيز اوزار به هوندا هئا. انهيءَ ڪري ڪو اڻ واقف يا شهر جو ڪو ڪمبخت سج اڀرڻ کان اڳ ۾، گهر کان ٻاهر نڪرندو هو. اڄ صبح جو قلعي طرف گهمڻ آيو. بادشاهه تي نظر پيس، جو قلعي جي پَر ۾ ڪُرنڊڙو ٿيو پيو هو. هن کي آڻاري، گهر وٺي آيو. اڃا بادشاهه کي ڪُهڻ تي هو ته ڪيس خبر پيئي ته شهر جو حاڪم همنڪ گذاري ويو آهي، جنهن ڪري شهر جو ڪاروبار بند رهندو. بادشاهه کي ڪجهه وقت لاءِ مهلت ته ملي، پر ساهه سڪي ويس.

شهر جي حاڪم کي ڪو اولاد ڪونه هو، جنهن ڪري وصيت ڪئي هئائين، ته، ”منهنجي مرڻ کان پوءِ، قلعي جو دروازو کوليندي، جيڪو پهريون ماڻهو مُنهن پوي، تنهن کي تخت تي ويهارجو.“ دروازو کوليندي ئي، غلام دروازي پرسان

ڪاسائي رومال ڪٽي، تئين حاڪم کي ڏنو. حاڪم کي ذرا شڪُ جاڳيو، پر پوريءَ طرح پروڙي نه سگهيو؛ سو هن به وري چئن ئي ڪُنڊن تي لکي موڪليو:

ڪسي شير خورد و ڪسي خورد ماهي،
ڪسي بندي خانه، ڪسي پادشاهي.

اهو رومال، ڪاسائيءَ آٽي، بادشاهه کي ڏنو، جنهن وري لکي مرڪليس:

ڪوتوال را شير خوردو، وزير را خورد ماهي،
بادشاهه بندي خانه، غلام پادشاهي.

هيٺئر ته هن کي سمجهڻ ۾ دير ئي ڪانه لڳي. هڪدم بادشاهه کي آزاد ڪرايائين ۽ حنود کي به چڱو عهدو ڏنائين.

هيٺئر جو حنود کي چڱو عهدو ملي ويو، جنهنڪري ڪاسائڪو ڌنڌو ڇڏي ڏنائين ۽ ماڻهن جي دلين مان به، آهستي آهستي اهو ڊپ لهي ويو.

حنود واري ڪڏ، اڄا تائين سيوهڻ ۾ قائم آهي، جنهن جي ايراضي، تقريباً پنجن جريبن ۾ ٿيندي.

حنود ڪاسائي واري ڪڏ مان مطلب آهي: اها خوفناڪ آونهي ڪڏ، جا پرجي ئي نه ۽ چاڪاڻ ته ورهين ڪان وٺي ان ۾ ماڻهن جا هڏا اچليندو هو.

جڏهن، ڪو ظالمانه ڪم ڪندو آهي ۽ سندس پيٽ نه پربو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

(خ)

## ٧٧- خاڻن جي خاڻي، ماڻيءَ مان معلوم.

ميزبان جي پيٽ‌لائپ يا آسودگي، سندس ماڻيءَ مان ئي معلوم ٿيندي آهي.

چون ٿا خان خانان بيرم خان (جيڪو اڪبر بادشاه جو اُستاد ۽ سنڀاليندڙ هو)، ڏاڍو مهمان نواز هو. هر مهمان کي، ماڻيءَ ۾ مُهرون به ڳڌائي ڏيندو هو. انهيءَ ڪري هر مهمان جي واتان، اها ئي وائي نڪرندي هئي ته "جڏهن سچو پچو خانُ (خان خانان) آهي، تڏهن ته مهمانن کي ماڻيءَ سان مُهرون به ڏئي ٿو." پوءِ هر زبان تي اهو مثال هوندو هو ته، "خانان جي خاڻي، ماڻيءَ مان معلوم"، جنهن تان هينئر مروج ٿي ويو آهي: خاڻن جي خاڻي، ماڻيءَ مان معلوم.

ٻانڊيون وغيره هيون) ڪٽي، واهه جي ٻر واري وڏي وڻ جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو. ڳوٿريءَ مان ٻئسا ڪڍي، هڪ پيسو پاڻيءَ ۾ ته هڪ پيسو هيٺ پيو اڇلي. اهڙيءَ طرح ڳوٿري جي اڌ رقم، پاڻيءَ ۾ اڇلايائين ۽ اڌ رقم هيٺ. حلوائي دانهون ڪوڪون ڪري چوڻ لڳو ته، ”اڙي ظالم، اهو ڇاٿو ڪرين؟“ ڏسندڙن مان هڪ شخص چيو ته، ”دوڌ ڪا دوڌ اور پاني ڪا پانيءَ الڳ ڪر رها هي!“ يعني کير ۾ جيڪي پاڻيءَ وجهڻ ڪري، توکي وڌيڪ پيسا مليا هئا، سي پاڻيءَ ۾ وجهي رهيو آهي.

مطلب. جڏهن عدل ۽ انصاف پوريءَ طرح ٿئي، تڏهن ائين چئبو يا انهيءَ شخص جي باري ۾ ائين چئبو، جو عادل ۽ منصف مزاج هجي.

(ڏ)

## ٨٣- ڌيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڌيءَ دور ڪائي چُور.

چون ٿا ته ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي ڌيءَ، پاڙي ۾ پرڻائي ته جيئن اکين آڏو هجي. پهريائين ته گهوٽ ڪنوار، پاڻ ۾ کير کنڊ هئا، پر پوءِ جيئن دستور آهي ته ٻه ٿانوَ به ٿڪرَ به پيا ٿيڪن، تنهن وانگر بعضي ڪَنهُرا ڪپرا پوندا هئا. هڪڙيءَ پاڙي واريءَ وڃي چوڪريءَ جي ماءُ کي ٻڌايو ته، "تنهنجي ڌيءُ کي مڙس مڏايو ماريو آهي." مطلب ته ڳالهه هجي يا نه، ته به آهه، يا ڪا ٻي پاڙي واري، شرير عورت، ڪنوار ماءُ جا ڪَنَ ڀر ڀندي رهي. وري جڏهن ڌيئس پيڪي ويئي ۽ ورَ جي نيڪي نه ڪيائين، تڏهن اها حالت ڏسي، ماءُ جا آنڊا سڙڻ لڳا. اتي هڪڙيءَ وڏل مائيءَ چيو ته، "ڌيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڌيءَ دور، ڪائي چُور." (چُوري)

مطلب. ته پاڙي جي ٿوري ڪُٺي ڳالهه ٻڌي به پيو، پيءُ - ماءُ کي ڏک ٿيندو، پر ڏور پنڌ سبب، جهڙي تهڙي ڳالهه ٻڌڻ ۾ ئي ڪانه ايندي.

ويچاريءَ ماءُ، اهو حال ڏٺي، پاڪيءَ سان، پنهنجو مٿو صاف ڪرائي، هڙ جا هڙ وار، پنهنجي ڌيءَ ڏي ڏياري موڪليا.

جڏهن مرد، پنهنجي سَسُ جا وار آڻي، پنهنجي زال کي ڏنا، تڏهن هو خوشيءَ کان، مٿي هيٺان رکي سمهي پيئي ۽ هڪدم چڱن ڀلن جهڙي ڏيکاري ڏيڻ لڳي.

اهو حال ڏسي، اهو شخص ڊوڙندو پنهنجي ماءُ ۽ سَسُ ٻنهي کي زال وٽ وٺي آيو. آن وقت انهن ڏي اشارو ڪري، زال کي چيائين ته، "ڏيک ياران دِري ڦيرِي، ماءُ تيري ڪي ميري؟"

ڪُڪڙ ڪي هٿ ۾ جهلي مٿڙو ڪني ٿي ڀيرا چيو، ”ڪنهن جي آهي (زور سان)، هيءَ ڪُڪڙ (بلڪل آهستي).“ تنهي ڀيرن سان ڪَنَ ۾ آواز نه آيو. پوءِ ڪُڪڙ کي حلال ڪيائون.
استاد، گهر وارن کي چيو ته، ”منهنجي ڀاڱي ۾ موڪليل ڀوڳ ۾ ڀونيون نه وجهجو، باقي رَهو (شوروو) جائز آهي.“ سو ٻلي هجي. جڏهن شاگردن استاد جي اها فتويٰ ٻڌي، تڏهن هڪڙي شاگرد چيو ته، ”رَهو حلال ۽ ڀونيون حرام.“

هڪ روايت مطابق، استاد چيو ته، ”جيڪڏهن ڀُونيون ٻاٺي ڏونيءَ تي چڙهي پوي ته اها جائز آهي، باقي سعيو ڪري نه ڏجو.“

ڪي حڪم ڏنائون ته، ”وارو ڪر، هڪڙو سيھڙ (سهو) ته پڇائي وٺ ته ڪائون“. ’ڏاچي هٿي ڏھه ته توڏي هٿي ٽيرھن‘ جي مصداق، خود ٻورچي به ٻُنڪ ۾ انڊو ڏي ويو هو. هن چا ڪيو، جو بچايل سيهڙ جي هڪ ٽنگ ڀڃي، پاڻ کائي ويو! جڏهن باقي سڄو، دوستن جي آڏو آيو، تڏهن منجهائن هڪڙي رڙ ڪري چيو ته، ”سيھڙ جي چوٿين ٽنگ؟“ ٻورچيءَ جواب ڏنو ته، ”سيھڙ کي ٽنگون ئي ٽي هيون“.

---

۽ اڇن ۾ نج سونَ جي هئي ۽ مُرڪ ۾ ته ٻجليءَ وارو اثر هوس، جو دلين کي مانجي اجاري تي چڙهائين. ٻدن، هڪ سيڌي سنئين هالي ۽ عضوا حسين ۽ ملائم ڪاليءَ. هڪ پاڪدامن هئي، پنهنجي ڪُماريءَ جيوَت ۽ پاڪ خيال سان، سندس نظر پاڪ ۽ طبع آزاد هئي. جن ڪيس ڏٺو پئي، تن منجهس قدرتي حسن جا راز پئي سوچيا، جي گويا سندس هڪڙي جسم ۾ جمالي جي گلدستي وانگي ظاهر هئا. توڙي ملير سڪ، برسات بعد، هڪ جنوءَ گلزار تي ڏٺو، پر هيءَ ڪشميري ڪنوار، انهيءَ گلزار ۾ به هڪ لاثاني گل هئي. گجرات جون گجريون هڪ ”يم ۽ جم“ جوٽيءَ جي مثال ۾ رهيون آهن يعني سندس ڪماريءَ زندگي هميشه پاڪدامن رهي آهي“.

اهڙي حسين ڇوڪريءَ کي، عمر بادشاه ملير ڳوٺ (ضلعي ٿرپارڪر) مان زوريءَ کڻي آيو. جڏهن اهو واقعو، سڄي ٿر ۾ پکڙجي ويو. تڏهن ڪن چيو ته، ”مبادا، وري عمر ڪا ٻي ڏاڍائي ڪري.“ تنهن تي ڪنهن سياڻي چيو ته: ”عمر ولي وڻي مارئي وٺندو، ٿر ته ڪين ڍلهيندو“ يعني ڪيس مارئي گهربي هئي، سا هن کي ملي، باقي ٿر وارن کي، ڏاڍائي ته ڪونه ڪندو.

## (ڪ)

### ١٠٠- ڪُتي جو ڪارو مُنهن، رَبُّ اوتري جي اوتري:

هڪڙي رَنّ زال، رب جو ڪُنو رڌي، هيٺ لاهي رکيو، پاڻ نڪرڻ لاءِ، مٿان ڍڪڻ نہ ڏنائين. پرسان بِلل ڪتي، ڪُني ۾ ٻوٿ وجهي، ڪانءِ جي ڪوشش تي ڪئي تہ پرياڻ مالڪ، زور سان هڪل ڏنيس ۽ جنهنڪري ڪُتي، رب نہ کاڌي ۽ جيئن تڪڙ ۾، ٻوٿ ٻاهر ڪڍيائين، تيئن ڪُني جي ٻاسن کي لڳي ويس ۽ ٻوٿ ڪارو ٿي پيس. مالڪياڻي کان کِل نڪري ويئي ۽ اُٺين چيائين.

مطلب. ٻچارڙي ۽ چغل خور لاءِ، اُئين چئبو آهي، جو ٻين کي وڙهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پر جڏهن ڳالهہ کُلي ظاهر ٿئي ٿي تہ آهي پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿيو وڃي.

### ١٠١- ڪَننَ جي ڳالهين، مير ٻِجار ماراڻو:

ڪَنن جي سُٽن پٽن يا لڪ چُپ جي ڳالهين مان، خراب نتيجا نڪرڻ ٿا.

جڏهن مير ٻجار خان، ١١٩٠ هہ مطابق ١٧٧٧ع ۾، حج تان واپس وريو، تڏهن چار هزار بلوچ ۽ ٻي قوم کيس مجبور ڪيو تہ ميان غلام نبيءَ سان جنگ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ هُن، مير ٻجار خان جي ڀيءَ مير بهرام خان کي مارايو هو. آخر عمر ڪوٽ پرسان جنگ لڳي، جنهن ۾، ميان غلام نبي مارجي ويو ۽ سندس لاش، حيدرآباد آندو ويو (١). مير ٻجار، سنڌ جي

---

(١) لُبِ تاريخ - خانبهادر خداداد خان، ص ١٢٥.

هڪڙي ڏينهن، گهمي ۽ ٿي، وڏي آواز چوڻ لڳو،
”ڪنهن وٽ ڪو ڪاني آهي هي ڪوڏي؟ (۽ هوريان چوڻ لڳو)
۽ هي ڀڄڪو“ ٿي پيرا آواز ڏنائين، پر مالڪ ڪو به ڪونه
جاڳيو. ڀلا، ڪوڏيءَ جهڙي خسيس شيءِ لاءِ ڪير اچي!
جيڪا ماليات هئي، سا هئي ڀڄڪي ۾. ان جو نالو وڏي
آواز ۾ ڏاياٿين ڪونه ٿي.

هن ڪي مڙيو ٿي مال پنهنجي لاءِ ”ڪوڏي حرام ۽ ڀڄڪي
ڪي حلال“ سمجهي، گهر ۾ رکيو هو، سو آوٿين ڦٻايائين.

---

## (گ)

### ١٠٣- ڳاهي ولي، ڳاهي ڀوت:

نواب ولي محمد خان لغاري، ميرن جي طرفان چانڊڪا پرڳڻي (جنهن کي هينئر لاڙڪاڻي ضلعو چون ٿا) جو مختيارڪار هو.* ان وقت چانڊڪا ۾، بدامني گهڻي ڦهليل هئي، جنهنڪري نواب صاحب جهڙي ڪرڙي حاڪم جي اشد ضرورت هئي. جيڪي قاعدا قانون، چانڊڪا پرڳڻي سان لاڳو هئا، تن کي جيڪو اورانگهيندو هو، تن کي سخت ولندو هو. انتظام جي حق ۾، خود بلوچن تان به نه ڏرندو هو.

نواب صاحب، احڪامِ شريعت جو پورو پورو پابند هو، جنهنڪري ڪي هن کي ”ولي“ به ڪري سڏيندا هئا.

هڪ مسڳوڙ چوي ٿو:

---

* نواب ولي محمد خان ولد غلام محمد خان لغاري، ٽاجپور (ضلعو حيدرآباد) جو وينل هو. سندس وفات ١٨٣٢ع ۾، لاڙڪاڻي شهر جي ”تجر باغ“ (جنهن کي هينئر ”جناح باغ“ چون ٿا) ۾ ٿي. ڪيس بطور امانت پوري، ايڪهين ڏينهن ڪان پوءِ، هتان ڪڍائي ويا. سندس قبر مٿان ”تجر“ ٺهرائي ويئي هئي، جا اڃا تائين قائم آهي. ”تجر باغ“ تي اهو نالو به، ان ”تجر“ تان ئي پيو آهي. ”ٽنڊو ولي محمد“ (حيدرآباد وارو) به سندس ئي نالي پٺيان سڏبو آهي.

ڪپڙا به پيا لباس ڏيکاريو، ته به گڏهه، آدوئي گڏهه! هين مان، پلاٺي جي ڪڏهن اميد نه رکجو." مگر خليفي نه مڃيو.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، خليفي وٽان ڪيتري روڪڙ ۽ جواهرات چوري ڪري، راتو واهه ڀڄي ويو ۽ وزير اعظم جعفر برمڪيءَ جو قول، سچو ثابت ٿيو ته: "گڏه آهوئي، آٿر پيا پيس ته ڀڄ ڪرنهه."

## ١٠٦ – ڳالهين سندين ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ *

ڪو ماڻهو، ڳاهه پڙيءَ تي پٺي ويو ته سندس دوست، ڪيس چيو ته، ”ادا، منهنجي لاءِ، موٽ وٺيو اچجانءِ.“ اڳيرو وڃڻ تي، هڪڙو ٻيو دوست مليس، جنهن ٽڪو، هٿ ۾ ڏيئي، چيس ته، ”مون لاءِ ٽڪي جا موٽ وٺيو اچجانءِ“. جنهن ٽڪو ڏنو هوس، تنهن لاءِ موٽ وٺيو آيو، پر جنهن رڳو زباني چيو هوس، تنهن لاءِ ڪجهه ڪونه آندائين. جڏهن اُن ڏوراپو ڏنس ته، ”فلاڻي ٽڪو ڏنو هوءِ، اُن جا موٽ به وٺيو آئين، مان شايد تو کي ٽڪو نه ڏيان ها؟“ هن ماڻهوءَ جواب ڏنس ته ”يار، جنهن کي موٽ کپندا هئا، تنهن ٽڪو ڏنو هو ۽ اُن کي موٽ به پهچي ويا. مگر تو موٽن وٺڻ جي ڪئي رڳي ڳالهه! در حقيقت، تو کي موٽ کپندائي ڪونه هئا. تنهنڪري:

”ڳالهين سنديون ڳالهيون ۽ ٽڪي سندا موٽ“

مطلب ته: سوال تي ڪم نه ٿيندو آهي، دنيا ۾ قصو آهي ڏي وٺ جو.

---

(*) موٽ، هڪ ڳاهه جو قسم آهي.

## ( گھہ )

### ١٠٧ــ گھيٹو ڏاريم اُن لئي، ھٽان چري ڪپاھہ:

ڪنھن ماڻھوءَ، اَنَ (گھيٹي جا وار) ڪڍ ڪرڻ جي خيال ڪان، گھيٹو ڏاريو. ھڪ دفعي گھيٹو، چنائي وٺي ڀڳو ۽ ڏٺو مالڪ جي (ڪپه جي) ٻوڪ ۾ وڃي پيو! مالڪ ڇا ڏسي، تہ ڪپه جا گوگڙا ڪائي ڪٽي ناس ڪيا اٿس. تنھن تي مالڪ چيو:

”گھيٹو ڏاريم اَنَ لئي، ھٽان چري ڪپه“

ڪا شيءِ جا سُک لاءِ ڏارجي ۽ ان مان ڏک پيدا ٿئي، تڏھن ائين چئبو آھي.

اھو پھاڪو، سُگھڙ فتح خان، ھن طرح ٻڌايو.

گھيٹو ڏاريم آن لاءِ، رَھندو چري ڪپاھہ،
جوءِ ڏاريم گھر لاءِ، رھندي مارايم ماءُ،
نٹھن ڏاريم سُک لاءِ، سس جو ڪيڏي ٿي ساھ،
پٽ پاليم پوءِ(١) لاءِ، ڪٽي ڪريم ٿو پاھہ،
پاڙو ڏاريم پريت لاءِ، رھندو ڪڻ ــ ڪپاءُ(٢)،
ڏوس(٣) ڏاريم ڏک لاءِ، پٽيءَ نہ ڏينم پاءُ،
پير ڪٽج پختو ڪري، جو دغا دنيا، دپ دپاءُ.

---

(١) پوءِ لاءِ = پڇاڙيءَ يا پيريءَ جي سُک لاءِ.
(٢) ڪڻ-ڪپاءُ = ھٽ سٽ، ڦرمار (پاڙو بہ پيو ڦري).
(٣) ڏوس، دوس = دوست، يار، خيرخواھ يا ڪھٹڪھرو.

(لَنگهيءَ - لَنگهي جي زال) بہ ائين ٿي ڀانئو، جنهنڪري ويچاري، روئي پٽي، صبر ڪري ويهي رهي. ٿورين گهڙين ڏينهن، اهو ڏُوم ماڳ موٽيو، پر پيسو اندائين ڪونہ! هڪڙيءَ پاڙيواريءَ، ڏُومٽي کان پڇيو تہ، "ادي، تنهنجو مڙس ڇا ڪمائي آيو آهي؟" وراڻيائين، لک ڪَتِيا ڏُومٽيءَ، جو ڏُوم سلامت آيو!"

مطلب. ڪنهن شيءِ يا واپار ۾، ڪٿي فائدو نہ هجي، پر جيڪڏهن موڙي سلامت آهي، تہ بہ لکٽ ٿيو.

---

## ١١٤- مٺي ڪتي ۾ پرچھ وڃائڻ

هڪڙي ماڻهوءَ وٽ هڪڙو عمدو ڪتو هو، جو سندس دوست کي ڏاڍو پسند هو ۽ خيال هوس تہ: اهو، آءٌ ڪانئس وٺندس. هڪ دفعي، هو، ڪتي وٺڻ جو خيال ڪري، پنهنجي دوست وٽ ويو. کيس خبر ڪانہ هئي تہ انهيءَ وچ ۾ ڪو، اهو ڪتو مري ويو آهي. گهڙي پَل ويهڻ کان پوءِ، کيس جڏهن ڪتو نظر نہ آيو، تڏهن دوست کان پڇيائين تہ، ”چئو، ڪتو نظر نٿو اچي؟“ هن ڏاڍي ڏک ۽ ارمان وچان، جواب ڏنس تہ، ”افسوس جي ڳالهہ آهي، جو ويچارو ڪتو مري ويو، جنهن جو مون کي تمام گهڻو ارمان آهي“. دوست چيس تہ، ”يار، ڪتو جيئرو هجي ها تہ آءٌ ڪاهي وڃان ها، چاڪاڻ تہ مان آيو ئي تو ڪان ڪتو وٺڻ هوس“. مالڪ جواب ڏنس تہ، ”دوست، جي ڪتو هجي ها تہ اهو آءٌ توکي هرگز نہ ڏيان ها، چاڪاڻ تہ ڏيڻ جهڙو ئي نہ هو“. دوست جواب ڏنس تہ، ”اڙي يار، تنهنجو ڪتو تہ ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي مري چڪو آهي. هاڻي مٺي ڪتي ۾ پير چهڙ (پريت، دوستي) ڇو ٿو وڃائين“.

مطلب هي آهي تہ: ڳالهہ هجي ئي نہ ۽ اُن تي ڳڻتي ڏيئي ويهجي، سا بيوقوفي آهي.

جو مُنهن بند ڪري، مٿي ڪٽي، زور سان زمين تي سٽيائينس.
اهڙيءَ طرح، ٻه-چار دفعا هنيائينس ته نانگ مري ويو.

مطلب. دشمن ڪان هميشه ڪَو ڪجي، ڇاڪاڻ ته
ٻچڙي مان ڀلائيءَ جي آسيل رکڻ اجائي آهي. جيڪڏهن دشمن
وجهه ۾ اچي ته وارو نه وڃائجي.

اهو آواز ٻڌي، اهي رهزن ٻاهر ني نه نڪرندا هئا. اها ڦرلٽ ۽ مارا ماري، مدت تائين جاري رهي. آخر هڪ ڏينهن، سڀ رهزن پڪڙيا ويا، جهنڪري پوڙهيءَ ڏاڍو پڇتايو ۽ ڪيس پنهنجي انهيءَ اهڙيءَ ڀهروپي ۽ دورنگي هلت ڪان نفرت اچي ويئي. پوڙهيءَ وٽ جيڪي پيسا هئا، تن مان واهه تي پل ٻڌايائين، جا سندس نالي پو يان اڄ به قائم آهي.

---

ڀڙهيائين ته اها به ڪفن سوڊي ٻاهر نڪتي! اڻ جو به ڪفن لاٿائين، تنهن ڪان پوءِ پوڙهيءَ سان، گهڻو مٿو ماريائين، ته مَن ڪجهه ٻُڌائي، مگر ”چاليِ چاليِ چُپ“! جڏهن نا اُميد ٿي هلڻ لڳو، تڏهن ڀهرين مُردي سان گڏ، پوڙهيءَ وارو لاش به ڀوڻان اچڻ لڳس! اهو حال ڏسي، پريشانيءَ وچان چيائين ته، ”يڪ نه شُد، دو شُد“.

## رايا

۳۷ - لياقت روڊ،
ڪنٽونمينٽ، حيدرآباد
۷ - سيپٽمبر ۱۹۶۶ع

مڪرمي سنديلو صاحب سلمه'

"پهاڪن جي پاڙ" پهچي، خوشيءَ جو باعث ٿي. اوهان نوازش ڪيو. يادگيري ۽ محبت جو شڪريه.

چوندا آهن: "هجي ناڻو، ته گهر لاڙڪاڻو." اوهان پاڻ لاڙڪاڻي ڪان ناڻو وٺي، پوءِ منجهس نڪاڻو ڪيو آهي. انهيءَ معجزه تي به اوهان کي مبارڪ.

ڪتاب ۾ نهايت قيمتي مواد آندل آهي. ڪن پهاڪن کي تاريخ جي روشني ۾ پيش ڪري، حقيقت کي پوري طرح واضح ڪيو اٿو. "اوهان جيڪو پورهيو ڪيو آهي، سو رائگان نه ويندو ۽ چاڪاڻ ته اهڙائي ڪتاب، ادبي ميدان ۾، پنهنجو مسلمه، پاڻ مقرر ڪن ٿا.

دعا آهي ته زياده آسودا ٿيو ۽ زياده ڪمائيتاه (آمين).

حقير عفي عنه
آءِ - آءِ - قاضي

---

هالا نوان
۱۴ - ۲ - ۶۷ع

محترمي و مڪرمي سنديلو صاحب

السلام عليڪم:

اوهان جي تازي تصنيف ڪتاب، نالي "پهاڪن جي پاڙ" گذريل ڊسمبر ۾ پهتل آهي. ڪتاب پنهنجي نوعيت ۾ تمام

چڱو ڪتاب آهي. ڀهاڪا ته عام طرح سان ٻڌا آهن ۽ ٻڌايا ويندا آهن، مگر انهن جي اصل حقيقت ۽ ماهيت هر ڪنهن کي معلوم نه هوندي آهي. هن ڪتاب ۾، انهيءَ ڳالهه جي صفائي ٿيل آهي. انهي ڪري به ڪتاب جي قدر ۽ قيمت ۾ واڌارو ٿيو آهي. اميد ته باقي ڀهاڪا به گڏ ڪري، ٻئي ڇاپي ۾ شايع ڪندا ته ڏاڍو چڱو ٿيندو. زياده خير والسلام.

طالب المولى

## احمد خان آصف مصراڻي

(١) ڀاڪا وڌائن ٿا ٻوليءَ جي زينت،
ڀاڪن ۾ ٻوليءَ جي سونهن ۽ نزاڪت.

(٢) ڀاڪا ٿيا علم جو ڄڻ خزانو،
ڀاڪا، ٿيا عقل و دانش جي دولت.

(٣) ڀاڪا فصاحت جو واضح نمونو،
ڀاڪن ۾ آهي سلاست بلاغت.

(٤) ڀاڪن پَهه ڪي سمايل سٽا ٿيا،
ڀاڪن ۾ پنهان نصيحت، هدايت.

(٥) مبارڪ جو حقدار "سنديلو صاحب"،
ڀاڪن جي واضح ڪئي جنهن حقيقت.

(٦) "ڀاڪن جي ڀاڱ" آهه تصنيف عمدي،
مصنّف مٿس واهه ڪئي آهه محنت.

(٧) ٿيو طبع آ: "وه درخشان جريده،

١٣٨٨
اي "آصف"، ائين لک تون سال طباعت.

## سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ڪي ٻيا ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- گل شڪر | ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي |
| ٢- پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٣- سنڌي سينگار شاعري | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ۴- جامع سنڌي لغات ۵ جلد | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ۵- ٽيھ اکريون ٢- جلد | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٦- ڏور | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٧- واقعاتي بيت | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٨- جنگناما | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٩- تحقيق لغات سنڌي | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ١٠- سنڌ جو سينگار | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ١١- وڻنپتي ڪوش | جهمٽ مل نارومل وسٽائي |
| ١٢- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي |
| ١٣- سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو جلد-١ | واحد بخش شيخ |
| ١۴- سنڌي معلم | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| ١۵- سنڌي زبان جي بنيادي لغت | غلام رباني ۽ ٻيا |
| ١٦- آفتاب ادب | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| ١٧- گلشن بهار | آخوند فقير محمد "عاجز" |
| ١٨- سنڌي ويا ڪرڻ | مولانا غلام محمد گرامي |

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”**پڙهندڙ**“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)